رات باقي آ
غلام نبي گل

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani

رات باقي آ

غـزل

SOORIH SINDHI ADAB

غلام نبي گل

هوئي حق ۽ واسطا شاعر جي بلي

ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي سنگت "شاخ" موهن جو دڙو

ڇپيندڙ: نواز اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس
ايمپائر روڊ لاڙڪاڻو.

ٽائيٽل: رضوان

ٽائيٽل ڇپائي: اسحاق پرنٽنگ پريس بالمقابل راڪسي
سئنيما لڪ لي مارڪيٽ ڪراچي.

لي آئوٽ: هارون ٻگهيو

ڇاپو: پهريون — ڊسمبر ١٩٩٠ع

تعداد: هڪ هزار

قيمت: ويهه رپيه

ارپنا

محترم عبدالعزيز ٻرڙو جي نالي

SOORIH SINDHI ADAB

پبلشر وٽان ....

سنڌي ادبي سنگت، شاخ موهن جو دڙو انهن اصولن ۽ آدرشن جي سختيءَ سان پابند آهي، جن تحت سنڌي ادبي سنگت جو وجود عمل ۾ آيو هو. هيءَ شاخ ترقي پسند ادب ۽ سماجي سچائيءَ جي قائل آهي. رومانيت پسندي ۽ فراريت جي فلسفي کي ننديندڙ دوستن جي سهڪار سان ڊسمبر ١٩٨٩ع ۾ هن شاخ جو قيام عمل ۾ آيو. هن شاخ جي عمر ٿوري جو ننڍڙي آهي، پر هن ۾ شامل سڀئي اڪثر اهي ئي دوست آهن، جن جا ادب جي کيتر ۾ ڪلها ڪٽيل پيٽيل آهن جيڪي پنهنجي بردباريءَ ۽ خود اعتمادي جي ڪٽڻ رکڻ ڪري تعميري تنقيد ۾ وسهاءِ رکن ٿا، ڪين اجائي تعريف مبالغي آرائيءَ واري انداز کان نفرت آهي، اهي پنهنجي عمل سان انهن اصولن ۽ آدرشن جي پوئواري ڪندا آيا آهن، جنهنجي نتيجي ۾ هن شاخ پنهنجي هڪ ساٿي افضل قادريءَ سان وت ۽ وس آهر ڀرپور سهائتا ڪئي ۽ مرندي گهڙيءَ تائين ساڻس نڀاهيندا رهيا. عمليت پسنديءَ تحت هن شاخ جو اهو پروگرام به رهيو آهي ته ترقي پسند سوچ رکندڙ شاعرن ۽ اديبن جا ڪتاب ڇپرائڻ ۾ انهن جي مدد ڪئي وڃي- هي ڪتاب ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. اسانکي يقين آهي ته غلام نبي ”گل“ جي ڪتاب ”رات باقي آ“ جي پڙهندڙن وٽان سٺي موٽ ملندي.

ڀاران:

سنڌي ادبي سنگت، شاخ

موهن جو دڙو.

SOORIH SINDHI ADAB

گل ڏوان، مکڙيون ڏيون، تارا ڏوان

غلام نبي "گل" سان منهنجي پهرين ملاقات ١٩٨٤ع ۾ ٿي هئي، جنهن ۾ پتو پيو ته، هو ١٩٥٣ع کان شاعريءَ جي ميدان ۾ لٿل آهي. شروع ۾ اسٽيج لاءِ ناٽڪ لکيائين، جيڪي پنهنجي ڳوٺ ۾ به پيش ڪرايائين، پر اڳتي هلي اهو شوق گهٽجي ويس ۽ سموري توجه شاعريءَ تي مرڪوز ڪري ڇڏيائين. ڪڏهن ڪڏهن "گل و بلبل جي قصه گو" مشاعرن ۾ به شريڪ ٿيو، نه ته گهڻو تڻو گوشه نشينيءَ ۽ گمناميءَ جي حالت ۾ وقت گذاري ڇڏيائين.

پهرين ملاقات ۾ هن پنهنجي جيڪا شاعري پڙهي هئي، سا زير اضافت ۽ ڏکين بحرن ڪري هيئنءَ تي ڳوڙهي جيان محسوس ٿي هئي، جنهن ۾ زندگيءَ جو حسن پري پري تائين ڳوليو نٿي لڌو. اهڙي شاعريءَ کي داد ڏيڻ بجاءِ مون ان تي ڀرپور تنقيد ڪئي هئي. منهنجي تنقيد پڙهي هو روايتي فارسي زده شاعرن وانگر نه مون تي ڪاوڙيو ۽ نه ئي اکيون ڦوڙايائين، پر کلندي اعتراف ڪيائين، ته مون جيڪي ڪجهه ڪوس چيو، سو سچ آهي، پر صحيح ڏس ۽ پيچرو نه ملڻ ڪري هو اهڙو لاڙو اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿيو آهي.

هن جا اهي لفظ پڙهي مون ڏانهس دوستيءَ جو هٿ وڌايو هو.

ٻي ملاقات ۾ مون هنکي وفا ناٿن شاهيءَ جو، پنهنجي

هٿين اکرين لکيل غزلن جو مجموعو پڙهڻ لاءِ ڏنو هو، جنهنکي پڙهي هو ايڏو ته متاثر ٿيو هو، جو چئي ڏنو هئائين ته، ”وفا کي پڙهڻ کانپوءِ مونکي صحيح گس ۾ پيچري جو دهو پيو آهي، جنهنجو اظهار اجهو هيئن ڪيو اٿم.“ پوءِ مون پنهنجا ٻه نوان غزل پڙهي ٻڌايا هئا، جيڪي ٻڌڻ کان پوءِ مونکي محسوس ٿيو هو ته، هو واقعي اسانجي ئي سٿ جو ساٿاري آهي، جيڪو غلط ماڻهن جي ور چڙهي وڃڻ کري، فارسي زده شاعريءَ کي پنهنجي اظهار جو وسيلو بڻائي وڏي عرصي تائين انهيءَ ڏس ۾ ڦاٿو رهيو.

گل ۽ بلبل جا قصا ساڳيا اڃا،
شاعري ڇا ٿي کهري سوچيو اٿـي؟

۽ ائين ٿي سنگ ۽ ساٿ ۾ رهندي مون هن کي شيخ اياز، امداد حسيني، انور پيرزادي، واجد، اياز گل ۽ ايم ڪمل جي شاعري پڙهڻ لاءِ ڏني، جنهنکي توجه سان پڙهڻ ۽ هنئين سان هنڊائڻ کانپوءِ هو پنهنجو نئون رستو ڏاهڻ ۾ ڪامياب ويو ۽ غزل جي صنف جي اهڙي ته آبياري ڪيائين، جنهن جا گونج ۽ گل سدائين پيا سرهاڻ پکيڙيندا هو شاعريءَ جي ميدان ۾ نوان گل، نئون مکڙيون ۽ نوان تارا ڪڍي ظاهر ٿيو آهي، جيڪي ڪڏهن بہ سنڌي ادب جي افق تان الوپ ٿيڻا ئي نہ آهن.

سنڌ تنهنجي سينڌ آ سينگارڻي،
گل نوان، مکڙيون نيون، تارا نوان.

محمد علي پڌاڻ
لاڙڪاڻو

۲۲-۱۲-۱۹۹۰ع

سهاڳ

جاڳ، جاڳاءِ - رات باقي آ ....

* ڪي لفظ، ڪي ڳالهيون، ڪي ڪم رڳو وقتي رد عمل جو نتيجو نہ هوندا آهن. انهن جي حيثيت اينڊ ڙ ڪيترن سالن ۽ صدين تائين قائم ۽ دائم رهندي آهي. هر تخليق، پنهنجي انفراديت ۽ نواڻ سبب ئي ذهنن ۾ تاريخ جي صفحن ۾ جاءِ ماڻيندي آهي. تاريخ ۾ عظيم شاعريءَ جو رتبو صرف آهي ستون ئي ماڻي سگهيون آهن، جيڪي فڪري توڙي شعوري سجاڳيءَ جي حوالي سان پنهن جي تخليق ڪان وٺي، اينڊ ڙ ڪيترين صدين تائين، هر دوُر جي نمائندگي ڪنديون رهيون آهن ۽ جن ڪي هڪ مخصوص دوُر جي دز لٽي نہ سگهي آهي. ان ڪسوٽيءَ تي پرک ڪبي تہ معلوم ٿيندو تہ، سنڌي شاعرن سدائين خيالن، لاڙن ۽ گهاڙيٽن جا نوان نوان رستا تلاش پئي ڪيا آهن. سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جي ابتدائي دوُر جي، ڪنهن لوڪ گيت ڪان وٺي، اسانجي شاعر دوست غلام نبي "گل" جي شاعريءَ تائين، خيالن، تجربن ۽ احساسن جا نوان نوان پيچرا، اسانکي عام جام ملن ٿا. سنڌي ڪنڊ جي مهان شاعر شيخ اياز جي شعري مجموعي "چنڊ چنبيليءَ ول" جي مهاڳ ۾ نامياري ليکڪ سراج ميمڻ لکيو آهي.

"شاعريءَ جو احساس هوئڻ ئي ڪائنات جي ڏار

جهڙو ٿيندو آهي. پوءِ اهي تجربا، جيڪي خاص طرح اسان جهڙن ملڪن ۽ معاشرن ۾ حاصل ٿين ٿا- آهي ان ڏار کي هيڪاري سراڻ تي چاڙهي، وڌيڪ تکو ۽ تيز ڪري ڇڏين ٿا."

جديد سنڌي شاعري ڪشنچند بيوس، شيخ اياز، تنوير، شمشير، امداد ۽ ٻين ڪيترن اهم شاعرن جي تسلسل کي برقرار رکندي، اڄ جن نالن تي اچي پهتي آهي- انهن ۾ اسانکي اهڙو ئي ڪاتيءَ جي ڏار جهڙو احساس به ملي ٿو ته ان کان اڳتي شعوري سجاڳيءَ ۾ پنهنجن ذميدارين کي محسوس ڪرڻ ۽ نڀائڻ جو عڪس به ۽ اهو احساس ۽ عڪس ئي ادب ۽ ٻوليءَ جي بقاءَ جي ضمانت آهي، ڇو ته جيڪڏهن اسان وٽ جيئرو ادب موجود نه آهي ته، اسان ماضيءَ جي ادب کان پري ٿيندا وينداسي ۽ ڪس وساري ويهنداسي.

جوانيءَ کان موت کاڌل ۽ جوان جذبن ۽ سگهارن سوچن واري شاعر غلام نبي "گل" جو نالو به، سنڌيءَ جي انهن شاعرن ۾ شامل آهي، جن فن، فڪر، سگهه، سچائيءَ ۽ سجاڳيءَ جا جهنڊا سدائين بلند رکيا آهن ۽ جن جي جذبن، خيالن ۽ سگهارين سوچن جا تارا توانا گهوڙا، اونداهين خلاف ويڙهاند ۾، سدائين اڳتي وڌندا ۽ ميدان ملهائيندا رهيا آهن. غلام نبي "گل" جو هي غزلن جو مجموعو ۾ ان تسلسل جي ڪڙي آهي، جيڪو خليفي گل کان شروع ٿي، صدين جو سفر طئه ڪري، غلام نبي "گل"

تائين پهتو آهي ۽ اڃا جاري آهي. جنهن ۾ شامل سمورن شاعرن غزل کي روايتي سٽاءُ، خيالن، تشبيهن، ماحول ۽ ٻوليءَ کان آجو ڪرائي، ڪيس پنهنجا ويس وڳا ڏيکاري، نئون روپ ڏئي، ٻنهي پنهنجو ڪري ڇڏيو آهي. جيئن مشهور ڏاهي سائين محمد ابراهيم جوئي جي لفظن ۾:

"اڄ سنڌي غزل، پنهنجي سنڌي ادا سان، اسانجو پنهنجو غزل بڻجي چڪو آهي."

غلام نبي "گل" جي غزلن ۾ اسانکي جيتوڻيڪ پاڻ کان اڳ وارن ۽ همعصر شاعرن جي شاعريءَ جا اولڙا پسڻ ۾ اچن ٿا ۽ ڪٿي وٽس خيالن ۽ لفظن جو ورجاءُ به آهي، پر تنهن هوندي به، هن وٽ پنهنجا موضوع، پنهنجا لفظ ۽ پنهنجو انداز آهي. هن وٽ لفظن جي چونڊ ۽ انهن جو استعمال ڪو مسئلو ڪونهي. هن جي شاعري روايت ۽ جدت جي وچ ۾ هڪ پل وانگر آهي، جنهن جي هيٺان انفرادي، اجتماعي، قومي ۽ بين الاقوامي پيار ۽ پيڙا جو هڪ درياهه، پنهنجي موج ۽ مستيءَ ۾ وهي رهيو آهي.

دل تي، سيني تي، جگر تي ڇا چوان!
هٿ جتي رک، گهاءُ آ گهرو اتي.

سڀ ته ٻوڙا ڪونه هوندا شهر ۾،
دير کان آهن پڪارون ڪو ٻڌي.

ننڊ جو نالو ڏسي نه وٽ هاڻي،
جاڳ، جاڳاءِ، رات باقي آ.

هنن شعرن کي پڙهي مشهور شاعر ۽ نقاد ٽي-ايس-ايليٽ جي ان ڳالهه کي هتي ٿي ملي ته: "سٺي شاعريءَ ۾ هميشه ڪا اهڙي شيءِ، نئون تجربو، ڄاتل سڃاتل شين جون نيون نيون معنائون ۽ مطلب ۽ اهڙي تجربي جو اظهار هوندو آهي، جنهن کي اسان سڀ محسوس ڪري وٺندا آهيون، پر ان جو اظهار ڪري نه سگهندا آهيون، ائين ڪرڻ لاءِ اسان وٽ اهي لفظ ئي نه آهن هوندا، جن کي رڳو هڪ شاعر ئي جنمي سگهندو آهي."

اسان وٽ نئين غزل جي شاعرن، پنهنجي دور جي مسئلن، مونجهارن، ذهني ۽ جسماني ڏکائن ۽ بندشن کي به وڏي مهارت، نون اشارن ۽ علامتن جي آڌار تي غزل جو موضوع بڻايو آهي ۽ کيس نوان نوان مفهوم ۽ معنائون ڏنيون آهن، جيڪا ڳالهه فارسي روايتن هيٺ غزل رچيندڙ شاعرن وٽ نٿي ملي. موضوع، مواد ۽ ٻوليءَ ۾ جدت آڻيندي، غلام نبي "گل" به، غزل کي سنڌي مزاج ۽ اڄ سنڌي قدرن جي ويجهو آڻيندڙ شاعرن جو ساٿاري بڻيو آهي. سندس غزلن ۾ جتي انفرادي ڏکن ۽ پيڙائن جا اولڙا ملن ٿا، اتي ئي هو اجتماعي مسئلن جو اثر قبوليندي سندن حل جي واٽ ڳولي ٿو ۽ سادن پر معنويت سان ڀرپور لفظن ۾ سياڻي هوا ڦيرين کي به واڪو ڪري ٿو:

ٻاهران ٻهو ٿو لڳي، اندر ٻهو!
اڄ جي اهڙي آدميءَ کي ڇا چوان؟

سياست آ، يا فنڪاري، خبر ناهي تہ ڇا آهي!
خدا جي گهر ۾ ويٺا، بتن جي ڳالهہ ٿا ڪريون.

——.... ——

ساڌڙو سوڌو لڳي پيو،
نيڪ نيت سان ٺڳي پيو.

——.... ——

وياج کي ڏئي نفعي جو نالو،
حرام ۾ ڪجهہ حلال رکجانءِ!

——......

بس رڳو ٿورو جهڪو سان،
شهرتون سستيون ملن ٿيون.

۽ هڪ ٻيو شعر:

جيڪ گهرجي، چيڪ گهرجي،
سروسون سستيون ملن ٿيون.

مٿين شعر ۾ ”جيڪ“، ”چيڪ“ ۽ ”سروس“ لفظ، انگريزي لفظ آهن، جيڪي شاعريءَ ۾ خاص طور تي غزل لاءِ بنهہ اوپرا آهن، مگر غلام نبي ”گل“، غزل جي روايتي گهرجن کي پورو ڪندي، اهي اڻ سونهان ۽ اوپرا لفظ بہ اهڙي فنائتي نموني استعمال ڪيا آهن، جو اهي پنهنجو ردم، مفهوم ۽ مطلب وڃائڻ کانسواءِ ٺي، شعر جو حصو بڻجي ويا آهن. فني نور تڪ ڪرڻ وقت اهي

خوبيون ٿي، هڪ شاعر کي منفرد ۽ مثالي حيثيت ڏيندڙيون آهن.

هر شاعر کي پرکڻ لاءِ، سندس شعري هنرمندي ۽ فنڪاريءَ سان گڏوگڏ سندس فڪري قوتن کي به ڪنهن نه ڪنهن ڪسوٽيءَ تي پرکڻو پوندو آهي. سندس چوڌاري موجود ماڻهن ۽ سماج جون به مٿس ڪي ذميداريون هونديون آهن. هڪ سچو شاعر بنان ڪنهن ڪاغذي مقرريءَ جي، انهن جي نمائندگي ڪندو آهي ۽ ڌرتيءَ تي هڪ سڌريل خوشحال معاشري، امن ۽ انصاف جي بالادستيءَ لاءِ جاکوڙ ڪندو آهي، پر هڪ موڙ تي سندس ذميداريون سماج ۽ مخصوص گروهن ۽ نظرين کان اڳتي نڪري، سموري انسانذات جي نمائندگي ڪرڻ لڳنديون آهن. "ڪپر ٿو ڪن ڪري" ۾ هڪ هنڌ محترم شيخ اياز لکيو آهي:

"مون هميشه سوچيو آهي ته، ڇا شاعر سماج سان، ذميدار آهي؟- مون شاعر جي ذميداريءَ کان ڪڏهن به انڪار نه ڪيو آهي، پر هن جي ذميداري نهايت وسيع آهي. هن جي ذميداري انسانذات سان آهي ۽ نه ڪنهن خاص سماج سان ۽ جي ڪوئي سماج، انسانيت جو ويري آهي ته، شاعر ان جو واهرو ٿي نٿو سگهي، جي ڪنهن به سماج سان ذميداريءَ جو نتيجو انسانيت سان بي ذميداري آهي ته، هر عظيم شاعر لاءِ انهيءَ سماج سان بغاوت ڪرڻ کانسواءِ ڪو چارو نه آهي."

غلام نبي "گل" وٽ انسانيت جي بقاء ۽ سربلنديءَ لاءِ، دل ۾ اهڙا ئي جڳمڳ جذبا آهن.

جنگ هوندي نه جنگ جا دڙڪا،
امن هوندو ۽ الفتون هونديون.

....

صرف انسانيت جي ناتي سان،
صورتون سڀ سڃاڻيون وينديون.

اهڙا ڪيترا انڊلٺي رنگ، غلام نبي "گل" جي شاعريءَ ۾ وکريا پيا آهن، جن ۾ سونهن ۽ پيار جو ذڪر به آهي ته، انفرادي ۽ اجتماعي دردن جا عڪس به. اڳتي وڌندڙ تيز رفتار ۽ هوريان هوريان جذبن، انصاف ۽ اصولن کان خالي ٿيندڙ دنيا جي سامراج ۽ مونجهارن کي فنائتي نموني پيش ڪرڻ جو وٽس ڍنگ به آهي ته ڏاڍ ۽ ظلم تي هٿ کڻڻ جو حوصلو به. سندس شاعري ڪٿي رڻ ۾ ڏريل رات جهڙي آهي، ته ڪٿي ٿڪل واريءَ تي پيرين اگهاڙي سفر ڪندڙ مسافر جي پيڙا جهڙي.

مثال طور ڪجهه غزلن جا بند:

ايڏو ويجهو آئو آهي،
شايد دور ٿيڻ تو چاهي.

....

پريو ته ڪو هو مان روشنيءَ سان،
وٺي مان شايد وهي وئي آ.

تون پاڃي هٿيار سڀ رک پاڻ وٽ،
هٿ هٿوڙا هن. هٿن کي ڇا ڪندين؟

چاهتون ظاهر ۾ آهن چاهتون،
دل ٿي دل ۾ نفرتن کي ڇا ڪندين؟

ماڻهو مرندا، پر نه مرندي ڳالهه آ،
هان! تون تاريخي صفحن کي ڇا ڪندين؟

پاڻ ٿا رستو ٻڌائن،
پاڻ ئي پلجي پون ٿا.

منهنجي ساٿي جي سڃاڻپ،
هڪ منهنجي نيڪي آ.

ڪڏ ٿيا آهن ستارا نو وري،
چنڊ جي چوڌار جاڳيا پو وري.

"گل" جڏهن ٻيو لکيائين ته گيت ڪوئي،
گيت سوئي غزل ٿو لڳي.

نئين ۽ مترنم بحر ۾ غلام نبي "گل" بي حد ڪاميابيءَ سان غزل لکيا آهن، پر اڃا به ڪيس ڏاڍي محنت محبت ۽ مهارت سان پنهنجي فني سفر کي جاري رکڻو پوندو، شاعريءَ ۾ نت نين تشبيهن جو استعمال، شاعرائي عڪسن جي کوٽ جو پورائو، پنهنجون راهون پاڻ تلاش ڪرڻ جو عزم، خيالن، معنيٰ ۽ لفظن جي ورجاءَ کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش، ديس ۽ انسان دوستي، سچ سان پيار ۽ شعوري سجاڳي، اميد ته هڪ ڏينهن کيس، هڪ منفرد ۽ منفرد هنڌ تي آڻي بيهاريندي، جتي پهچي سنڌس شاعري سنڌس حوالو بڻجي ويندي.

* ايــاز گل — پٺا روڊ، سکر سنڌ.
١٣-١٢-١٩٩٠ع

رات ڪان پوءِ ڏينهن ٿيندو،

رات ڪان پوءِ رات ڏاهي.

رات ڇا! آ ڏينهن جو ڦيرو آڻي،
ڪنهن ڀڄان ۾ دوست آ گهرو آڻي.

گفتگو ۾ ڪاٿ آ تنهنجي، مگر،
مان مڃان ڳالهائين جي ڪهرو آڻي.

روز ٿا جت مڻ مٿاين جا هلن،
ڇا ڀلا هلندو ڦڪو ڇهرو آڻي.

سوچ جو ناهي عمل جو وقت آ،
آ جتي ونڍو تون وٽ ٻهرو آڻي.

دل تي، سيني تي، جگر تي ڇا ڇوان!
هٿ جتي رک گهاءُ آ گهرو آڻي.

چوطرف پنهن جي نظر پهتي جتي،
”گل“ جو ٿي آيو نظر ڇهرو آڻي.

مرڪ چپڙن کان ڪنهن کسي آهي،
سونهن سندور ريءَ ٻسي آهي.
اک ۾ سرمون نه آ لبن لالي،
هٿ ڪنگڻ نه ڳل هسي آهي.
ور ٻنا هر وڻي ويا ڪل،
ڪو نه ڪونڌر ويو ڪسي آهي،
ڪير جي سو پڇا ڪري کهڙي!
جنهن کي ميسر نه لپ لسي آهي.
چپ چرڻ کان به ويا صفا چپ ٿي،
هاءِ! ڪيڏي نه بي وسي آهي،
ٻاءُ مرندو ڏسي هليو وڃجي،
ان کان وڌ ٻي ڪا بي حسي آهي.

پنهن جو پنڌ پڇڙو پيو هو پر،
راهه ڏاهي ڪا ٻي ڏسي آهي.
عزم آهي اچا جوان پنهن جو،
عمر چاهي ڪٿي اسي آهي.
راهبر، راهزن کي تو سمجهين،
تنهن جي موڙهيل چئو مت کسي آهي.
هٿ ۾ قرآن ڪڇ ۾ خنجر آ،
دل تو دولاب سان دسي آهي.
هر ڪا اک تو ڏسان ته آ آلي،
چئن ته برسات ڪا وسي آهي.
"گل" ۽ ٻن ويا ڇٽي خزان ۾ سڀ،
لام هر ڪا اُٿين لسي آهي.

دوستي چا ٿي گهري سوچيو آئي !
دشمني چا ٿي گهري سوچيو آئي !

موت ڪان اڳ ۾ ڪڏهن ايندو نه موت ،
زندگي چا ٿي گهري سوچيو آئي !

سر ڏئي سنگارڻو آ دار کي ،
عاشقي چا ٿي گهري سوچيو آئي !

ڪا صدا ناهي ، نه ڪو آواز آ ،
خامشي چا ٿي گهري سوچيو آئي !

لڙڪ ته ڪنهن جا ڪڏهن آهن اکيا ،
بندگي چا ٿي گهري سوچيو آئي !

صبح تا ، ٿو خون تارن جو ٿئي ،
روشني چا ٿي گهري سوچيو آئي !

وقت ڪنهن جي ڪاڻ رڪيو ٿي نه آ ،
هر گهڙي چا ٿي گهري سوچيو آئي !

”گل“ هزارين داغ ملندا درد سو ،
هڪ خوشي چا ٿي گهري سوچيو آئي !

”گل“ ۽ بلبل جا قصا ساڳيا اڃا !
شاعري چا ٿي گهري سوچيو آئي !!

ڏينهن ڏس! ڪيڏو چڙهي آيو مٿي،
تون اٿيو ناهين اڃا بستر ڇڏي.

ايترو آرس، اڙي ارمان آ،
وقت ان جو وقت سان جو ساٿ ڏئي.

هر طرف ڏيکاءُ ڏئي گاڙهي بتي،
ڪئين ٿو ڪاروبار دنيا جو هلي!

سپ نه پوڙا ڪو نه هوندا شهر ۾،
دير ڪان آهن پڪارون ڪو پڌي!

سو ڏکو پيو ٿا چون آهي پلو،
جو اشاري سان وراڻي ٿي وري.

ٿي وهي گنگا به الٽي ڇا ڪجي!
ٿو پڌي سياڻو، مگر ڇريو ڇوي!!

سچ جي صورت نه ٿي سگهندو ڪڏهن،
ڪوڙ کي ڪو ڪيترا پيو "گل" وجهي!!

پورا نہ ٿي سگھيا، سي ارمان ڳڻيان ويٺو،
مونتي جي تو ڪيا هن احسان ڳڻيان ويٺو.

ڪيسو بہ آهي خالي گھر ۾ بہ ڪجھ نہ آهي،
ويٺا جي هن صبح کان مهمان ڳڻيان ويٺو.

پنهن جي ڏي ٻر ۾ هوندا دانا شهر ۾ ڪيئي،
پر مان تہ پاڻ جھڙا نادان ڳڻيان ويٺو.

گذري ويا جي دل تان، آ تن جو ذڪر ڪھڙو!
ايري نوان اٿن ٿا طوفان ڳڻيان ويٺو.

ڪوشش جي باوجود بہ پهچي سگھيس نہ تو وٽ،
بيٺا هٿا جي در تي دربان ڳڻيان ويٺو.

آيا تہ ها پڇڻ، پر ويا پنهن جا درد ڏيئي،
اهڙا ڏي دردمند ۾ درمان ڳڻيان ويٺو.

هڪ هٿ سان ڳڻيان ٿو آباد "گل" ۾ گلشن،
ٻئي هٿ سان وري مان ويران ڳڻيان ويٺو.

پاڻ مري ويا نالا زنده،
قبرن اندر لاشا زنده.

سج چڙهيو سڀ سوريءَ چڙهيا،
رات رکيو ها تارا زنده.

جيئرا ننڊ ۾ چرڪ پرن ٿا،
ٿي نه پون ڪي مردا زنده.

پنهنجو لاش کلهن تي پنهنجي،
هر ڪو تنها تنها زنده.

سينن تي چٽ برف ڄمي وئي،
ڪيئن رهن پو جذبا زنده.

الفت جا سڀ "گل" مرجهايل،
نفرت جا سڀ ڪنڊا زنده.

ساٿ رهندو توڙ تائين ،
سمنڊ جي ڪنهن ڇوڙ تائين .

اڪ ته هئي آڪاس تي ، پر
هٿ هيو بس نوڙ تائين .

جهول خالي آ ائين ئي ،
ڪوڙ پهتو ڪوڙ تائين .

دور منزل ڪا نه هئي ، پر
سي ٿڪي پيا موڙ تائين .

شوق سا ڪيا هن اهڙي ،
ريس تائين ڊوڙ تائين .

ڏند سالم ڪيئن رهندا ،
سور پهتو هوڙ تائين .

چاڙ ان ڪي ابتري آ ،
ڪٿ تائين جوڙ تائين .

آ نظر هر ڪا اهڙي ،
”گل“ سان گل جي جوڙ تائين .

اوسي پاسي آ شور ٽهڪن جو،
سڌ شايد پڌي ڪو سڏڪن جو.

پنهن جي جيءَ سان سدائين آ جهيڙو،
حال ڪهڙو پڇين ٿو الجهن جو.

سر جهڪائي ڇڏيم مروت ۾،
وار خالي وڃي نہ دشمن جو-

پاڻ پڌرا ٿي پيا اڇا ڪارا،
دوست! ڪهڙو آ دوش درپن جو!!

مرڪ مک تي اچي، تہ ڪيئن اچي!
موڊ ڏسي آف آ جڏهن من جو.

ٻئي جي گردن ۾ هٿ وجهين ٿو، پر،
سوچ! ٿيندو ڇا تنهن جي گردن جو!!

هٿ حقيقت جو ڪيئن ڇڏيان جهٽڪي،
ساٿ ڪنهن سان رهيو آ سپنن جو.

”گل“ سان گڏ ڪنڊا بہ هوندا هن،
خير گهر خير پنهن جي دامن جو.

مشورا الجهي پيا هن ،
مسئلا الجهي پيا هن .

سوچڻو پوندو نئين سر ،
پيروسا الجهي پيا هن .

راهه ۾ ڪانهي رڪاوٽ ،
قافلا الجهي پيا هن .

قربتن جا دورين جا ،
فاصلا الجهي پيا هن .

ڪجهه اميدون ، نا اميدون ،
آسرا الجهي پيا هن .

خلق جا پنهن جي خدا سان ،
واسطا الجهي پيا هن .

سڪ جا ۽ سات جا "ڪل" ،
سلسلا الجهي پيا هن .

چنڊ ۾ چانڊاڻ ناهي،
سج ۾ ڳاڙهاڻ ناهي.

سوچ ۾ آهن ستارا،
منڊ ۾ مانڊاڻ ناهي.

آ، رڳو دونهون ڏي دونهون،
آپ تي نيراڻ ناهي.

سون مٽيءَ تا ورهائن،
من ۾ ميراڻ ناهي.

خون ۾ آ جوش جيئڻ،
پيار ۾ پيلاڻ ناهي.

تنهن جي وارن ۾ ڏنم جا،
رات ۾ ڪاراڻ ناهي.

ڪاڻ ڪوڙهن جي ڪٿي وڌي،
اک ۾ آلاڻ ناهي.

ڪنهن پلا پاڏي آ روڪيو،
موج ۾ مهراڻ ناهي.

"گل" ته پاروتا لڳن ٿا،
سونهن ۾ سرهاڻ ناهي.

چمڪ چمڪاءِ! رات باقي آ،
ڳاءِ ڪجهه ڳاءِ! رات باقي آ.

دل جو توريءَ اداس آ آڳُرُ،
پيهر اچ ٻاءِ! رات باقي آ.

چپ پيئي ايتري چڱي ناهي،
ڪجهه ته ڳالهاءِ! رات باقي آ.

ننڊ جو زانءُ ڏي نه وٺ هاڻي،
جاڳ جاڳاءِ! رات باقي آ.

آءُ ويجهو اچا ٻه ويجهو آءُ،
روح ريجهاءِ! رات باقي آ.

ساهه کي ساهه جي اچي سرهاڻ،
”گل“ ڳلي لاءِ! رات باقي آ.

ڏس! وري پردا کڄن ٿا،
ڪيترا ننگا نچن ٿا.

ٿا وهن دريا ئي دريا،
پوءِ ٻي پياسا رهن ٿا.

ڀاڻ ٿا رستو ٻڌائن،
پاڻ ئي ڀلجي پون ٿا.

رات ۾ اونده اهائي،
ڏينهن جو ڏيئا ٻرن ٿا.

ڇوڙ ماضيءَ جا نه قصا،
ڏک وري ويتر ڏکن ٿا.

مينهن جي موسم ته ناهي،
نيڻ ڇو ٻرجي اچن ٿا،

ڪنهن وري تارن کي ڇيڙيو!
ساز ڇڻ دل ۾ وڄن ٿا.

”گل“ سوال آهن اڃا ڪجهه،
ذهن ۾ اڀري اٿن ٿا.

مان مڃيو، تہ اٿئن ڇيو هوندو،
ڪو ٿي احسان تہ ڪيو هوندو.

پاڻ کي ڪڪ نہ سمجهہ مسجد جو،
تو ڪان پيي ڪو گند ٿيو هوندو.

تنهن جي خوابن ۾، ۽ خيالن ۾،
مان نہ هوندس، تہ ڪو ٻيو هوندو.

تو وسايو جو ٻنهن جي ڦوڪن سان،
ڪنهن تہ گهر جو اهو ڏيئو هوندو.

سچ چوڻ وارو ٿي هميشه ڪان،
عمر ڀر ڪاٺ ۾ ٻيو هوندو.

ڪلهہ گهمي ٻيو گهٽين ۾ بي فڪرو،
اڄ اهو گهر نہ موٽيو هوندو.

چور ٺڪري ويو، تہ چاڪي آ،
هي بہ انصاف ڪو ٿيو هوندو.

عمر ساري اٿئن اميدن تي،
ڪو مٺو هوندو ڪو جيو هوندو.

"گل" ٽٽو شاخ ڪان پو ملهہ ڪهڙو!
ڪنهن جي پيرن ۾ ٿي پيو هوندو.

ڏينهن کو اهڙو، مگر اهڙو ڪڏهن!
آهہ ۽ ٿيندو اثـر ٿيندو ڪڏهن!

آ ڪڏهن اڳتي ڪڏهن پٺتي قدم،
ختم ٿي آخر سفر ٿيندو ڪڏهن!

تا ڏسن حسرت سان ھر محلات ڏي،
بي گھرن کي پنهنجو گھر ٿيندو ڪڏهن!

ڳالهہ سان ٿي ڳالهہ ڏي نڪري نئين،
نيٺ قصو مختصر ٿيندو ڪڏهن!

پنهنجي ليکي پاڻ آهي معتبر،
معتبر بي معتبر ٿيندو ڪڏهن!

هر دوا ۽ هر دعا آ بي اثر،
دور ٿي دردِ جگر ٿيندو ڪڏهن!

هت سفارش سان سڄاڻپ ٿي ٿئي،
ڪو تہ "گل" اهلِ نظر ٿيندو ڪڏهن!

زندگيءَ ۾ ڇا نہ ٿو سهڻو پوي،
موت کان اڳ روز ٿو مرڻو پوي.

جو نہ ڏسڻو سو بہ ٿو ڏسڻو پوي،
جو نہ ٻڌڻو سو بہ ٿو ٻڌڻو پوي.

ڪنهنجي خوشنوديءَ جي خاطر دوستو!
رات کي ٻي ڏينهن ٿو چوڻو پوي.

ڪوبہ ساٿي ڪونہ آ، پر ڇا ڪجي!
ڪنهن نہ ڪنهن سان ساٿ ٿو هلڻو پوي.

ٿي نہ سمجھوتو سگهيو آهي اڃا،
غم اڃا محسوس ٿو ڪرڻو پوي.

تنهن جي محفل جو اهو دستور آ،
من کي ماري ماٺ ۾ رهڻو پوي.

دلربا! دل ۾ نہ رک ڀيو ڪو گمان،
”گل“ کي رسمن هر ڪلي لڳڻو پوي.

حسب آ کهڙو، نسب آ کهڙو!
پڇي نہ ڪوئي تہ رب آ کهڙو!

هام پر سڀ ننگا تہ آهيون،
پلا انهيءَ ۾ عجب آ کهڙو!

مزا بہ ڏٺهي، ستم بہ ڏٺو،
اهو نہ پڇو سبب آ کهڙو!

کڏهن نہ حقدار کي مليو حق،
اچا پڇي پيو غضب آ کهڙو!

شناس ساڄهہ رهي نہ باقي،
رهيو اسان وٽ ادب آ کهڙو!

آ زير دنيا، اگر آ دنيا،
پڇي نہ ڪوئي کسب آ کهڙو!

نہ چيز ان کي نہ الڄهہ ان سان،
سڃاڻ ان کي لقب آ کهڙو!

هتي جي موسم هميشہ هڪ ڇڙ،
نہ پڇ اي ”گل“! روز شب آ کهڙو!!

ڏينهن کان پوءِ ڏينهن کي ڪٽبو ڏٺم،
مند کان ماڻهوءَ کي اڳ مٽبو ڏٺم.

ڪوڙ جو قيد ۾ ڪڙو ڪٽبو ڏٺم،
سچ کي سوريءَ مٿان سٽبو ڏٺم.

فصل الفت جيت ۾ کها ڌو ڏٺم،
گهاٽ ۾ ليڪن اهو کٽبو ڏٺم.

همتن ۾ جرئتن کي ڇا ٿيو!
راهِ حق ۾ هر قدم هٽبو ڏٺم.

قربتن جا فاصلا وڌندا رهيا،
پاڻ کي هر فرد کان ڪٽبو ڏٺم.

بي مروت بي وفا جي شهر ۾،
آرزوئن جو گلو ڪٽبو ڏٺم.

جيت هوندي جيت هارائي وئي،
هار هوندي هار کي کٽبو ڏٺم.

عظمتن جي دعويدار ان شخص کي،
پستين جي لٽ ۾ لٽبو ڏٺم.

هر گهڙي هر موڙ تي احساس کي،
الجهنن جي وٽ ۾ ولبو ڏٺم.

ڪير ٿو ڪنهن کي ڀلا ڪلندو سهي!
"گل" کي آخر شاخ کان پٽبو ڏٺم.

زندگي ، بي بندگيءَ کي ڇا چوان !
شرم ريءَ شرمندگيءَ کي ڇا چوان !!

ٻاهران ڀِيو تو لڳي اندر ڀِيو ،
اڄ جي اهڙي آدميءَ کي ڇا چوان!

وقت آ نامهربان ڪنهن وقت کان ،
وقت جي ان بي رخيءَ کي ڇا چوان !

منهن ڏسي سان ويو ڀرم سارو ڪلي ،
ڇئو! ڀلا مان آرسيءَ کي ڇا چوان!!

دل سان دل کا ڳالهه سمجهي ٿي نٿي ،
دل جي اهڙي بي دليءَ کي ڇا چوان !

وقت يا بي وقت ڇيڙي راڳڻي ،
بي سري ان بانسريءَ کي ڇا چوان !

دل ۾ ڪيئي خار ٿا چڀندا رهن ،
"گل" جي اهڙي دوستيءَ کي ڇا چوان!

تنهن جي دل ۾ غير هو ۽ غير آ،
منهن جي دل ۾ خير هو ۽ خير آ.

بي خبر ٻڌجي پيلا ڇو ٿو پڇين!
منهن جي دل ۾ تو سوا ٻيو ڪير آ!!

مان اهوڙي ساڳيو آهيان، نه ٻيو،
تنهن جي نظرن ۾ اچي ويو ڦير آ.

ڇو قصو قابيل جو دهرائجي!
پاڻ جو اڄ پاڻ سان ٿيو وير آ.

خود پسندي، خود فريبي الامان!
پاڻ ڏي اڄ ٿو سڏائي سير آ.

دور ڌرتيءَ جا ڪري سڀ درد دک،
چنڊ تي انسان پاتو پير آ.

ڪاش! ڪوئي مونکي سمجهائي سگهي،
ڪير پنهن جو آ، پرائو ڪير آ!!

هر نظر تنهن جي ٿي چهري ڏي ٽڪي،
تو ڪٿي ڇو "گل" ڪلهه ۾ دير آ.

هڪ شعلو اجهامي ويو،
هڪ ديپ وسامي ويو.

هو دور غلامي آ،
هڪ دور غلامي ويو.

هٿ ذڪر هو ظرفن جو،
ڪم ظرف اوڪامي ويو.

پتلين جو تماشو آ،
چڙ روح اڏامي ويو.

آڏو هو جهڪيل بت جي،
رب سان ٿي ڪلامي ويو.

پريل ته پرم ۾ هو،
سڪڻو سو ايامي ويو.

خاموش نگاهن سان،
ڪوئي ٿي ڪلامي ويو.

"گل" رمز رکيل هئي ڪا،
سڀڪو ٿي "سلامي ويو.

من ڏسي توکي وري مرڪي پيو،
ساهه کي آڏي ڪا سٽ سرڪي پيو.

پاڻ کي ڏاڍو جهليم ڏاڍو پليم،
پير ترڪڻ پيار ۾ ترڪي پيو.

تو اکين تي هٿ رکيا جيئن اوچتو.
ڇرڪ ۾ هردو هنيو ڇرڪي پيو.

يا نظر ۾ نينهن هو، يا مينهن هو،
ڪوڪ ڪوئل جي ٻڌي ڪرڪي پيو.

چوڏهين جو چنڊ هو اڀريو اڱڻ،
جيءُ جائي جوت ۾ جرڪي پيو.

سوز هو سارو سمايل ساز ۾،
پير پائل جو ٻه هو ٿرڪي پيو.

سو ته سورهين سر ۾ ويو پڙهي سڌو،
ڏڪ تي ڏاڙي اچي پرڪي پيو.

ايترا الزام ٿنهن جي سر هڻا،
شرم کان سر ”گل“ جو هو ڍرڪي پيو.

ماڻهن جا ڪي ساري ماڻهو،
ڪينسر جي بيماري ماڻهو.

حڪمن جي پوئـواري ماڻهو،
ڇـا جي خود مختياري ماڻهو.

پنهن جا عيب لڪائڻ خاطر،
هين جي پنيان چاري ماڻهو.

ظاهر ۾ تا ڏسجن نوري،
ليڪن اندر ناري ماڻهو.

راهن ۾ روڙا اٽڪائن،
توبه! دل آزاري ماڻهو.

احساسن کان خالي کوکا،
پئسي جا پوڄاري ماڻهو.

عمر گذارن قيد ۾ وانگر،
ڏوهه بنان ڏوهاري ماڻهو.

من کي موهي وجهندا آهن،
برکا رت بهاري ماڻهو.

قسمت سان کي ملندا آهن،
”گل“ ڦل ۽ گلزاري ماڻهو.

هجون آزاد جنهن ۾ ، تنهن وطن جي ڳالهه ٿا ڪريون ،
بغاوت ناهه، پر پنهن جي حقن جي ڳالهه ٿا ڪريون .

اڄــا بي روزگاري آ، اڄــا آ بک بيماري ،
اسان توسان ته تنهن جي ڏي وچن جي ڳالهه ٿا ڪريون .

مرڻ کان پو ته خيراتي ڪفن پيي آ ملي ويندو ،
جي جيئرا لاش هن تن جي ڪفن جي ڳالهه ٿا ڪريون .

ڳلي پٽجي ويــا جــن کي ڏنيون سي جيءَ ۾ جايون ،
۽ هاڻي دير سان کوڙن ڪرن جي ڳالهه ٿا ڪريون .

لڳون ٿا ڪيترا سادا اهو پي ڪو نه ٿا سمجهون ،
سڪن جي سامهون ويهي ڏکن جي ڳالهه ٿا ڪريون .

سياست آ، يا فنڪاري خبر ناهي ته ڇــا آهي ،
خدا جي گهر ۾ ويٺا بتن جي ڳالهه ٿا ڪريون .

ڀلا تون ڏي ڪٿي چؤ ڇــا ! اسان جو ڪو به حق ناهي ،
سگهند جي ، سونهن جي ”گل“ جي چمن جي ڳالهه ٿا ڪريون.

لڙڪ اکڙين ۾ لڪائي ٿو جئي ،
روئندڙ چهرا کلائي ٿو جئي .

من ته آ مايوسين جو ماڳ ، پر
مرڪ کي منهن تي سجائي ٿو جئي .

ڪجهه ته اونداهيءَ جو ڪرڙو آ ٻلو ،
داغ سيني جا جلائي ٿو جئي .

خواهشن جي ڪير ٿو پوريان ڏڪي ،
خواهشون من جون مٽائي ٿو جئي .

نيٺ مٺيون چاهتن ۾ نفرتون ،
نفرتن سان هٿ ملائي ٿو جئي .

ذهن کي هردم رکي ٿو نارمل ،
غم خوشي سڀ ڪجهه ڀلائي ٿو جئي ،

ڪو ڪٺي جيڪي چوي جيئن پئي چوي ،
تهمتون سر تي سهائي ٿو جئي .

آ، متل ميڙو قبر تي ڏينهن رات ،
موت کي ماري مڃائي ٿو جئي .

ٻئي طرف چو ٽا ڏسو "گل" کي ڏسو ،
خار سيني سان لڳائي ٿو جئي .

جهڙيون هستيون ملن ٿيون،
ايڙيون پستيون ملن ٿيون.

ڪنهن جو هٿ آهي سوالي،
ڪنهن جي هٿ دستيون ملن ٿيون.

بس رڳو ٿورو جهڪڻ سان،
شهرتون مستيون ملن ٿيون.

چنڊ تي پهتا ته آهيون،
پوءِ بي پستيون ملن ٿيون.

جيڪ کهرجي چيڪ کهرجي،
سروسون مستيون ملن ٿيون.

مهربان! محفل ۾ تنهن جي،
ڇا ڇا من مستيون ملن ٿيون!!

”گل“ بهارن ۾ به، اجڙ دل،
شهر ۾ وستيون ملن ٿيون.

وڻ وڍين ٿو ڇنڇڪن کي ڇا ڪندين،
ٿو ٻٽين ٻوٽا ٻجن کي ڇا ڪندين!

سڪ سنيہڙن ٺي نٿا سانيہ ۾ سي،
ڏيل ڏاريندڙ ڏکن کي ڇا ڪندين!

تون ڀلي هٿيار سڀ رک پاڻ وٽ،
هٿ هٿوڙا هڻ هٿن کي ڇا ڪندين!

ڏاڍ سان جسمن تي تون ڪنٽرول رک،
پر دماغن ۽ دلين کي ڇا ڪندين!

چاهتون ظاهر ۾ آهن چاهتون،
دل ٺي دل ۾ نفرتن کي ڇا ڪندين!

مڙس مرندا، پر نہ مرندي ڳالھ آ،
هان! تون تاريخي صفحن کي ڇا ڪندين!

ڪيترن کي چپ ڪرائيندين ڀلا!
هيڪڙو "گل" ناهي لکن کي ڇا ڪندين!!

بي سهارن کي سهارن ماريو ،
جھوپڙين کي محل وارن ماريو .

اڄ سيان ساڳي اھا ئي اڄ سيان ،
آسرن کي انتظارن ماريو ،

ڪيترا ٻيڙا ٻڏي ويا سير مان ،
ڪيترن کي آ ڪنارن ماريو .

آ اھو الزام غيرن تي رکيو ،
پيار وارن کي آ پيارن ماريو .

مسڪراھٽ ان جي بي معنيٰ نہ ھئي ،
عقل وارن کي اشارن ماريو .

سڀ ٻڏن پيا ، پر لنوائي ٿا چڙھن ،
مرم وارن کي ميارن ماريو .

ھر نظر تي ڪو نہ ٿيندو آ اثر ،
ڪنھن نظر کي آ نظارن ماريو .

موسمن تي ڪھڙو آ ”گل“ اعتبار !
ڪيئن چوان پلجي بھارن ماريو !!

خيال ۾ پيو خيال رکجانءِ،
مثال کو بي مثال رکجانءِ.

جواب جنهن جو اچي نه پنهنجي کي،
تون سوچ ۾ سو سوال رکجانءِ،

جڏهن به تو تي ڪمال آيو،
نگاهه ۾ پو زوال رکجانءِ.

ڪٿي ته ان ويو نصيب وارو،
پلاند ۾ تون پلال رکجانءِ.

وياج کي ڏٺي نفعي جو نالو،
حرام ۾ ڪجهه حلال رکجانءِ.

خوشين ۾ هرڪوئي خوش نه آهي.
نه من ۾ اهڙو ملال رکجانءِ.

هميشه هوندو بهار ناهي،
خزان جو پڻ "گل" خيال رکجانءِ.

موسم بارش ھر ھو ھوندي ،
ڪوئل ڪوئل ڪوڪو ھوندي .

صبح سويرو ٻاڪ ڦٽيءَ جو ،
پاڙيهر جي ڳهو ڳهو ھوندي .

ويرانين ۾ وسنديون وسنديون .
مانڊائين جي جهو جهو ھوندي .

چيٽ جي ھوندي شام سنهري ،
۽ ڪِرڻ جي ھو ھو ھوندي .

جيستائين تيج تڻ ۾ ،
سنڌ ھوندي ۽ سنڌو ھوندي .

ھن ڌرتيءَ جي سنڌي ٻولي ،
عربي ۽ نہ اردو ھوندي .

مان پيي ھوندس تون پيي ھوندين ،
ڪا بہ نہ مان مان تو تو ھوندي .

چهري چهري تي چانڊوڪي ،
گهر گهر ۾ ”گل“ خوشبو ھوندي .

سارا سور سهيڙيا آهن،
دل جا در ڀڪيڙيا آهن.

ڪچڙو پچڙو ناهي ڪجهه ٻي،
ڏند ۾ چپ ڀڪيڙيا آهن.

اکڙين ۾ ٿا چلڪن چمڪن،
موتي جي مون ميڙيا آهن.

شايد انت نه ايندو تن جو،
قصا جي تو ڇيڙيا آهن.

ماضي مونکي ياد ڏياري،
ڇڳل ڦٽ اکيڙيا آهن.

اڏرڻ جي اڻ تڻ ۾ آهي،
پر پکيءَ پکيڙيا آهن.

تو سان جنگ نه جهيڙو ڪوئي،
ماڻهو تو ڇو ميڙيا آهن.

موسم ۾ تبديلي آئي،
"ٻڪلن" جا ٻن پکيڙيا آهن.

سادڙو سودو لڳي پيو،
نوڪ نيڻ سان ٽڳي پيو.

ڪنهن ڪي آهن سو سهارا،
پنهن جي ناريءَ کو ٽڳي پيو.

ڦٽ چڪيو هوندو پراڻو،
درد نئون دل ۾ جڳي پيو.

پوئتان هلندو هو جيڪو،
سو هلي هاڻي اڳي پيو.

ڪو ٻنهي ڏوهي هئڻ نا،
ڇهنب سان ڪوئي ڇڳي پيو.

آ رڳو ڏوڪو نظر جو،
”گل“ جهان سهڻو لڳي پيو.

ڪن ٿو ڪري ڪڙڪا وري،
دل کي لڳا ڌڙڪا وري.

گهوڙا چڙهيا، ڪنهن تي چڙهيا،
ٺــا ٺــا ٺين ٺـڙڪا وري.

ڪنهن جـــو وري آ امتحان!
ٿي بـــاهه ڏٺي ڀـڙڪا وري.

غـربت وڃي ڪاڏي وڃي!
دولت ڏٺـــي دڙڪا وري.

پر ڪنهن پٽي ٻـــاڪ ڇڏيا،
ٿي بند ويـــا ڀـــڙڪا وري.

انصاف جـــا قـــانون جـــا،
قـــاٽي ويـــا قـڙڪا وري،

وٺ وٺ منجهان واڪا اچن،
ڌاڙين پر هن ٿڙڪا وري.

”گل“ ننڊ ڪيئن ايندي ڀلا!
ڪـــو ڪـــو ٿين ڪڙڪا وري.

آ، وري آئين تـي ڳالهائجي،
ڏينهن تي ٻي ڏينهن تي ڳالهائجي.

گهر جلن ٿا، سر جلن ٿا ڪيترا،
سامهون ان سين تي ڳالهائجي.

ڪنهنجون اکيون بند هن ڪنهنجون کليل،
نور تي نابين تي ڳالهائجي،

مان چوان ممڪن، ٻين ناممڪن چوين،
"هاڻو" تي ۽ "ڪين" تي ڳالهائجي.

ٻک بيماري پيلا آ ڪنهن جي گهر!
موت تي مسڪين تي ڳالهائجي.

بند ڪر سڪ ۽ سڪين جون ڳالهيون،
غم تي غمگين تـي ڳالهائجي.

ڪيتري مضبوط ڇت آ جاءِ جي،
آر ــ سي ۽ ٽين تي ڳالهائجي.

ڪيترو آ "گل" بهارن تي اثر،
سرءُ جي ان سين تي ڳالهائجي.

SOORIH SINDHI ADAB

سو ساز ته سوچيان پيو،
آواز تي سوچيان پيو.

پر ڪو نه، پر ڀڄي پري،
پرواز تي سوچيان پيو.

تون ناز جون ڳالهيون ڪرين،
مان ناز تي سوچيان پيو.

انجام اڄ آڏو ڏسي،
آغاز تي سوچيان پيو.

ڇا ٿا لڪائن لوڪ کان،
ان راز تي سوچيان پيو.

ٻاڙن ڪان ٿا ٻچڙو چون،
ان باز تي سوچيان پيو.

”گل“ جي اشاري ۽ ادا،
انداز تي سوچيان پيو.

SOORIH SINDHI ADAB

جنهن ۾ احساس جي ڪمي آهي،
سا اِها ڪهڙي زندگي آهي.

ڪهڙو نالو ڏيان مان رشتي کي،
دشمني آ نه دوستي آهي.

جنهن کي گذري ويو هوا جهوٽو،
ڪيتري مختصر خوشي آهي.

ڪنهن جو ميلاپ، موت آ ڪنهن جو،
غم اتي آ، اتي خوشي آهي.

مان ته ڪائي ويس ائين ڏوڪو،
ڪيڏي چهري تي سادگي آهي.

تو کي اونده جو ڪيئن ٿئي احساس!
تنهن جي گهر ۾ ته روشني آهي.

”گل“ اچي تو وري تصور ۾،
ڪا نه مڪڙي ڪٿي ڪلي آهي.

پاڻ ني رکندين تون ڀرا ڪيترا !
موت جا رنگ روپ ڇهرا ڪيترا !

ڪيترو شامل غريبن جو آ خون !
تنهن جي آذو طعام ڇهرا ڪيترا !

ڪيئن مڃن ماڻهو، ته ماڻهن روپ ۾،
پيل گهمن ٿا ڏاند ڏهرا ڪيترا!!

هاڻي ڪي همت نه هاري ويهه تون،
راهه ۾ دريا ۽ صحرا ڪيترا.

ڏينهن تنهن جو آ، ۽ تنهن جي رات آ،
سر تي سونهن روز سهرا ڪيترا.

گفتگو جو هي به هڪ انداز آ،
نرم لهجو لفظ ڪهرا ڪيترا.

خوف ڪائن هڪ ٻئي جي وار ڪان،
پاڻ ۾ هن دوست گهرا ڪيترا.

تون لڳين "گل" نرم نازڪ ڪيترو،
منهن جا هٿ ڏس! سخت ڪهرا ڪيترا!!

ڳولجن راهون نيون ، رستا نوان ،
جوڙجن جڳ سان وري رشتا نوان .

ڳالهه نئين ، قصا نوان چرچا نوان ،
آڻجن اڳتي وري چهرا نوان .

ملڪيتون هڪڙن جون مالڪ ٻيا بڻيا ،
ٿـا ڏسون ڪمدار ڪاراوا نوان .

بند ٿي هڪڙا ويا ، ڇا ٿي پيو ،
ٻيا کلي پوندا ڪي دروازا نوان .

ٿي پراڻا ويـــا هئا پنـڌ پڇڙا ،
چاهتن چاهيا پئي چـــارا نوان .

ذهنن کي ڳالهيون نه سونهن نئين جون ،
جاڳ ۽ جاڳاه ڪي جذبا نوان .

حيف ، جي سود و اصولن تي ڪيان ،
آزمائي ٻيل تون ڏس حربا نوان .

سنـڌ تنهن جي سهنڌ آ سينگارڙي ،
”گل“ نوان، سڳڙيون نيون، تارا نوان .

ايڏو ويجهو آهو آهي،
شايد دور ٿيڻ ٿو چاهي.

موتين جو ملهه هرڪو ڄاڻي،
ڳوڙهن کي ڪو پڇندو ناهي.

چاهت تي الزام نه آ، پر
غرض بنا ڪو ڪنهن کي چاهي،

رنگ ڀري ڪو تصويرن ۾،
ڪو ٿي ويٺو ليڪا ڍاهي.

ڪنهن کي چئجي، ڪنهن کان پڇجي!
جو ڪجهه ٿئي پيو آخر ڇاهي!!

تنهن کي ڪير ڀلا سمجهائي!
بيٺو آ جو لاهي پاهي.

تنهن جو منهن جو رشتو سا ڳيو،
خوشبو "گل" کان ڌار نه ناهي.

اي ڪاش ! پرت پيار جي قيمت ڪٿي سگهين .
تون منهن جي اعتبار جي قيمت ڪٿي سگهين .

آئين ، يا تون نہ آئين اهو غم نہ آهي دوست !
الجهن ۽ انتظار جي قيمت ڪٿي سگهين .

بدلي چڙهيو آ جيت ڪي ڪنهن هار ۾ وري ،
ان جيت جي ۽ هار جي قيمت ڪٿي سگهين .

منهن تي نہ ڪيتري نہ خوشامد هلي پئي ،
پر پٺ ڏيڻ ميار جي قيمت ڪٿي سگهين .

ڪنهن جي وڃي ٿي جان ۽ ڪنهن جي آ بس ادا ،
ان شوق ۽ شڪار جي قيمت ڪٿي سگهين .

پڇون پري ويون ٿي ڪٿي ڪو پڇي سگهي ،
بي پڇ بيقرار جي قيمت ڪٿي سگهين .

هان ، وس هلي هلي ٿو ، مگر پنهن جو پاڻ تي ،
اهڙي ڏي اختيار جي قيمت ڪٿي سگهين .

هڪ ڏي نظر ۾ چهرو آ "گل" سرخ ٿي ويو ،
بي موسمي بهار جي قيمت ڪٿي سگهين .

کير ۾ ڏوتل اکيون ،
بير جي بوتل اکيون ۔

ڪنهن جي لئہ جاڳن پيون !
ننڊ ۾ بوجهل اکيون ۔

صبح جو مرڪن پيون ،
رات جو روتل اکيون ۔

بس بنان ڏاڪي سگهي ،
پيار ۾ پوتل اکيون ۔

”ڪل“ نگاهن ۾ رهن ،
اڻ ڏٺل اوجهل اکيون ۔

اڄا تائين اثر آ آن هوا جو،
ڏسان ٿو رنگ بدليل آ فضا جو.

نه ڪي ضد هي ڇڏي ٿو ۽ نه ڇڪي هو.
اهو ئي مسئلو ساڳيو انا جو.

جي پنهن جو حق ونڊو ٿي ڇڪي وٺ،
اثر ٿيندو نه ڪنهن تي التجا جو.

ڪري جو پي ڪري مرضي آ ان جي،
جڏهن احساس ئي ناهي خطا جو.

نه پنهن جي پير تي آ پاڻ پورو،
گهماڻ پير آيو آ دعا جو.

نگاهن ۾ نچن ٿيا رنگ ڪيئي،
جڏهن آيو تصور ان حيا جو.

چمن هوندا نه "گل" هوندا نه مالهي،
تماشو ڪير رب ا ڏسندو فنا جو.

سوچ سمهي پئي گيت نه جاڳي،
ساز ۾ سر سنگيت نه جاڳي.

ڪنهن جي ڪارڻ سوچ سجايان،
پريتم توريءَ پريت نه جاڳي.

ڪهڙن سلجهايان الجهن من جي،
من منهن جي جو ميت نه جاڳي.

تقديرون، تدبيرون آڏو،
هار اساڻي جيت نه جاڳي.

"ڪل" ماحول اهوئي ساڳيو،
رت جاڳي، پر ريت نه جاڳي.

ڪهاو ته آخر ڀرڻا آهن،
لفظ نه واپس ورڻا آهن.

پاڻ ويساهه جي وارا ساڍهو،
ساڍهو ڦرڻا ڪهرڻا آهن.

هر ڪنهن کهڙا ڀرڻا مرڻا،
ڪنهن ڪنهن مرڻا ڀرڻا آهن.

ڪو ڏوهي هوندي بي ڏوهي،
ڏوهه نه ڪنهن کي ڀرڻا آهن.

جي ٿا ڀانئن واهڙ وڪڙي،
تار منجهان سي ترڻا آهن،

هن پر وڃڻا هن پر اچڻا،
ڪي ڪي موت نه مرڻا آهن.

ڪهل تان ڪوڙها ٻند نه ٿيا هن،
جيءَ اندر ڪي جهرڻا آهن.

جڳ ريءَ ساهه سري ويندو ”گل“
نوريءَ ساهه نه سرڻا آهن.

(٦٠)

هڪڙي دل پر نه دڪ دڪو آهي،
شهر سارو هڪو ٻڪو آهي.

هڪ طرف جهوپڙي جهري پيئي،
ٻئي طرف محل ڪو پڪو آهي.

جيترو محل آ پڪو ان جو،
ايترو دل جو ڀي پڪو آهي.

ڪوئي بيٺو رهيو اڀي پيرهن،
ويٺي ويٺي ڪوئي ٿڪو آهي.

ڪنهن جي در تي به ڪونه ٿو اگهجي،
چڙ ته ڪوڙو ڪوئي سڪو آهي.

اڪ جو پاڙي مري ويو شايد،
ڪيڏو منهن جو ٿي ويو پڪو آهي.

هت به حاصل ثواب ٿي ويندو،
دور ڪيڏو هتان مڪو آهي.

رت پنهن جو آ رنگ بدلايو،
”گل“ جو چهرو ڦڪو ڦڪو آهي.

ڇا ٻچائي ويا ۽ ڇا ڏاڙو ھٽي ويا،
ارڪو ترڪو ٻنھن جو گھر سمجھي ڪٽي ويا.

ھٽ پڌل ڇھرا ڪلاشنڪوف ھٿن ۾،
ڪلھ فلاڻي اڄ فلاڻي کي ڪٽي ويا.

ڇو پڌائن ٿا دکي مايوس ڇھرا،
ملڪ جا سنگ ڏک جا ڏاڍا لٽي ويا.

روڊ پاسي رات جو بيٺو ھو ڪوئي،
اشتھار ان جي ٻنارن تي ھٽي ويا.

ڇا ڇوان تن کي مان سادا، يا نڌڙڪا!
سادگيءَ مان جن کي ڌوڪو ڏئي ڏٽي ويا.

ڪجھ ته لاڀن ۾ ويو ڪجھ قرض ۾ ويو،
فصل ھاريءَ جو ائين سارو ڪٽي ويا.

ميرڙا ۽ ڪارڙا سارو سڙيسوئي،
ٻنھن جي اکڙين کي الائي ڇو وٽي ويا.

باغ کي ڪنھن جي نظر ٻارو لڳي وئي.
ڪي ته ”گل“ ٻنجي ويا ڪي خود ڇٽي ويا.

دل ۾ جاڳيا نہ وسوسا هوندا،
سک جا ساڳيا سلسلا هوندا.

دور منزل ڏين ڏين راهون،
عزم هوندا ۽ حوصلا هوندا.

زندگيءَ کي ڪٿي ملي ساهي!
مرحلي وار مرحلا هوندا.

ڪيترين پيي ڪٺي ڪرڻ دانهون،
سڀ پٿر جا ديوتا هوندا.

صبح جو رنگ روپ ٿي پيو آ،
رات جا سڀ نشا ٽٽا هوندا.

هو ڪليو هوندو مان مڃان ٿو، پر
لهڪ سارا ئي ڪوڪلا هوندا.

اوچتو آ هوا گهلي اهڙي،
ڪيترا ”گل“ ڇڻي پيا هوندا.

وقت ڏس ! وقت جي تقاضا ڏس !!
ٻـوه پنهنجي وري تمنـا ڏس !

درد پنهن جي ني ڇو دکي آهين !
درد جو ٻيو وهي ٿو دريا ڏس !

هڪ طرف ٿهڪ ٿهڪ آ دنيـا ،
ٻئي طرف لڙڪ لڙڪ دنيـا ڏس !

نون رڳو ڏس نه چمڪندڙ چهرا ،
مـر لـڳل ميرڙا بـہ چهرا ڏس !

ڇـا خبر آ ، سيـاڻي ٿيندو ڇـا !
وقت ويندڙ جا ڪجھ اشارا ڏس !

سوچ کي ايترو نہ چـڏ چڙواڳ ،
ڏينهن ڏٺي جو نہ اپ ۾ تارا ڏس !

جنگ ڪنهن آ کٽي ! نہ پڇ مون کان ،
هر طرف هڪ نظر ۾ لاشا ڏس !

مـرڪ ۾ مهڪ ني نہ وڃ ''گل'' جي ،
جي رکيل هن اکين ۾ کوڙها ڏس !

ڪل ، ٻر ڪيرو نہ ٿيو ،
ڳڙڪندڙ ڳيرو نہ ٿيو .

منهن ڪٿي ميرو سهي ،
من جو ميرو نہ ٿيو .

هل منوائڻو ۽ سڏو .
ڦند ۽ ڦيرو نہ ٿيو .

وک وڌي رک پيار ۾ ،
دل جگر جيرو نہ ٿيو .

وقت جو احساس ڪر ،
ايترو ڳيرو نہ ٿيو .

پُنَ جو اهڃاڻ ٿيو ،
پاپ جو پيرو نہ ٿيو .

”گل“ نظر جو ٿي سرور ،
درد جو ڏيرو نہ ٿيو .

شڪل جا اندر نہ هوندي،
مورتي مندر نہ هوندي.

جنهن ڇڪي آندو هتي آ،
ڪا ڪشش منظر نہ هوندي.

ذهن نہ هوندا ڌماڪا،
سوچ ٻي ٻڏ تر نہ هوندي.

موت کي گهرجي ٻهانو،
ڪا ادا دلبر نہ هوندي.

دل جلي پنهن جي آ، ليڪن
روشني ٻئي گهر نہ هوندي.

من جهلڪ ٻيهر ڪا ڏجي،
هر نظر ان در نہ هوندي.

ڪو ٻچڙو وارو نہ آ "گل"،
آس بس اندر نہ هوندي.

جهڙي راهون رستا آهن،
چورن جا مي چارا آهن.

اکيون ننڊ جي لاءِ سکن ٿيون،
اوجاڳا اوجاڳا آهن.

توسان ڪهڙي حجت پنهنجي،
مون وٽ بس ڏوراپا آهن.

نيٺ ته اهندو پنهن جو وارو،
اڄ ڪلهه تنهن جا وارا آهن.

موڙائي هن توکي ڏيٺا،
سارا سور اڌارا آهن.

دانهن ڪٿي، پر ڪنهن وٽ وڃجي،
بند سڀئي دروازا آهن.

پنهن جو هٿ ۽ پنهن جو دامن،
ڪوڙا سڀ سهارا آهن.

تنهن جي همدردين ڪان هاڻي،
پنهن جا سور سوايا آهن.

اتر جون برفيلي هوائون،
”گل“ سڀئي مرجهايا آهن.

اڄ جي آ نازي خبر،
ڪو چڙهيو سوريءَ آ سر.

چپ هئا رستا گهٽيون،
چُپ هيو سارو شهر.

ذهن کي سرديءَ سٽيو،
سوچ کي نڪتو پکهر.

ريل ۾ يا جيل ۾،
زندگي آ هڪ سفر.

ڪير جاڳائي ڀلا،
ننڊ ۾ سارو نگر.

آس ڪيڏي آ ڇري،
پير ڪيئن ڏيندو پير!

شر ڏسي پيو شور سان،
يا الاهي خير ڪر.

دور نظرن کان پري،
ڪنهن کي کولي ٿي نظر.

”گل“ نه گلشن جو نشان،
اکين آڏو ٻر ٿي ٻر.

ڪوڙي آهي لنگهي ويو ليڪو،
سو ڪري پيو وڌيس ٿو جهڪو.

مان ته ڪا ڳالهه ڪئي زماني جي،
ڀاڻ ڏي ڀانئي ڇو پيو هر ڪو.

ڇا ٿيو، ڇا نه ٿيو اڄوڪي ڏينهن،
ڪر نه مونسان قصو تون ڪالهوڪو.

هٿ نه اکه آسمان تي پهتا،
ٿوڪي سودو ڪپي ٿو سستو ڪو.

مان نه هڪ ٿو چوان، چوي جڳ ٿو.
آ سلامت رهيو نه رستو ڪو.

صبح اکين اڳيان حقيقت هئي،
خواب منهن جو مگر هو راتوڪو.

ڪنهن سنگهي ٻو وري ڪئي اڇلهو،
"گل" هئو پر هئو ڪو ٻاروٽو.

تنهن جو چهرو لٿل لٿل ٿو لڳي،
منهن جو اندر اٿل پٿل ٿو لڳي.

منهن جي محفل اٿين ٿي آ اجڙيل،
تنهن جو ميڙو مٿل مٿل ٿو لڳي.

پير پنڌ ۾ ٿڪل ٿڪل ٿي سهي،
پر ارادو اٽل اٽل ٿو لڳي.

سوچ پيو آ سمهي پئي شايد،
ذهن پيو چڻ ٿڪل ٿڪل ٿو لڳي.

تنهن جي ٻت تي ڏسان ٿو جو ڪپڙو،
ڪنهن جي ٻت جو لٿل لٿل ٿو لڳي.

ايترو درد ايتري پيڙا!
سنڌ سنڌ چڻ پڳل ٿڳل ٿو لڳي.

”گل“ جڏهن پيو لکان ٿو ڪٿ ڪوئي،
ڪٿ سوئي غزل غزل ٿو لڳي.

ڇا خبر ڇا ٿئي گهڙي پل پهر ۾،
ٿا وهون درياهه جي ڪنهن لهر ۾.

دشمني سچ سان رکون، يا دوستي،
پاڻ کي رهڻو به آهي بحر ۾.

در کليل آهن ۽ ماڻهو ننڊ ۾،
ڪيترو آ امن تنهن جي شهر ۾!

ٿو ڪري قاتل رهائيون رس پريون،
ڪيترو ميٺاج آهي زهر ۾.

ساڳيون نظرون سڃاڻن ٿي نه ٿيون،
اجنبي پنهن جي ٿي آهيان شهر ۾.

ڪيترو آهيان اياڻو دوستو!
مهر جي آ آس، پر بي مهر ۾.

ڇو نه ڪو راڪاس ويو آهي گهمي،
موت جهڙي سانت آهي شهر ۾.

سچ "گل" سڪ جو آ ايرڻ ٿي وري،
رات ڏک جي آ پساهه ۽ پهر ۾.

امن جون ڳالهيون هلن ٿيون.
جنگ جون چالئون هلن ٿيون.

ڪير مرندو، ڪير جيئندو!
توپ جون ناليون هلن ٿيون.

وِس ڌرتيءَ آ مٿابو،
رت جون ناليون هلن ٿيون.

ظاهري چپ آ لڳي ٿي،
ڳجهه ۾ ڳالهيون هلن ٿيون.

من ازل کان آهه پياسو،
پرت جون پياليون هلن ٿيون.

سچ آ، يا ڪوڙ آهي،
ڪيتريون ڳالهيون هلن ٿيون.

”گل“ پرم سارو ڪلي ويو،
چاهه ۾ چالئون هلن ٿيون.

ذات ني ڪا ذات ناهي،
ڏات جي ڪا ذات ناهي.

زندگيءَ کي موت ماري،
موت کي ڇو مات ناهي!

رات ڪاڻ پو ڏينهن ٿيندو،
رات ڪاڻ پو رات ناهي.

من ڇوي ٿو مان لڪان ٿو،
ڪنهن صلي جي تات ناهي.

حق پنهن جو ٿو گهران مان،
خير يا خيرات ناهي.

گهوٽ گهائيندي هئي جا،
گهور ۾ سا گهات ناهي.

ڳل هن آلا اڃا پيي،
بند ٿي برسات ناهي.

ڇا ڪري ليکڪ وچارو!
شهر کي فڪرات ناهي!!

روح ”گل“ پيالو اهو ٿي،
لام ني ڪا لات ناهي.

ڪڏ ٿيا آهن ستارا نــو وري،
چنڊ جي چوڌير جاڳيا ٻو وري.

ڪٿڪ پوکي ٿن نه لڻندا ڪٿڪ ٿي،
جو پوکيا ٿن نه لڻندا جو وري.

پيٽ بکين جو پلا ڪنهن کي خيال!
ٻو وارن جا ڦي ٿپندا ٻو وري.

آ، برو سب ڪان حڪومت جو نشو،
انڌ جا چڙهندا اکين تي رو وري.

ڪجهه اکيٺي هو اثر ماحول جو،
ٿنهن جي ڳالهين ٻي ڏٺا هن تو وري.

منڌ منڄڻ ۾ نه لڳندي دير آ،
"گل" تصور ۾ ڏسان تو سو وري.

چور دروازو کليو آ ،
مس وري موقعو مليو آ .

سيڪو ٿو رهبر سڏائي ،
ڪيئن چوان ڪوئي ڀليو آ .

هي رهي ڪا واهه ڪانهي ،
جهول ڪنهن آڏو جهليو آ .

ڳالهه ٿا ڪڙي ٻڌائن ،
شهر ۾ هل پيو هليو آ .

آ رڳو واعظ پين لئه ،
پاڻ کي ڪاٿي پليو آ .

ڪانءُ پي هو ڪو نه لنوندو ،
مور آکر تي ٽليو آ .

ٿو پٽي ڦوڪي لسي پي-ي ،
ڪير جو شايد جليو آ .

"گل" ڏڙيا پڪڙيا پيا هن ،
واهه ڪو اهڙو کهليو آ .

سوال ٿيندا جواب ٿيندا ،
ذري ذري احتساب ٿيندا .

رڳو ٿو جملا اسيمبليون رد ،
وري نئون انتخاب ٿيندا .

خبر نه آ ڪنهن لنيو آ ڪنهن کي ،
۽ ڪنهنڪان ڪنهنڪان حساب ٿيندا.

اهي تسليءَ جا چار جملا ،
اهي ته ساڳيا سراب ٿيندا .

اکيون اچا پيو عجب ۾ آهن ،
حجاب کي بي حجاب ٿيندا .

جو اڄ چئون ٿا جو اڄ لکون ٿا ،
سياڻي تاريخي باب ٿيندا .

چمن ٿيون ڇهرا ڪتاب سمجهي ،
اکين کي ڪيڏا ثواب ٿيندا .

بهار جي ڳالهه ڪهڙي ڪرڻي !
خزان خزان "گل" گلاب ٿيندا .

خاموش صدائن جون ڳالهيون، ڀر ڪير ٻڌي!
آشڪن ۽ آهن جون ڳالهيون، ڀر ڪير ٻڌي!!

وستي وستي وادي وادي وڪريل وڪريل،
مسڪين ۽ هڏڪن جون ڳالهيون، ڀر ڪير ٻڌي!

ماحول گهٽيل، سيخن پويان زنجيرن ۾،
آزاد فضائن جون ڳالهيون، ڀر ڪير ٻڌي!

من ويڳاڻو، ويران نظر، ۽ تنهائي،
موسم ۽ هوائن جون ڳالهيون، ڀر ڪير ٻڌي.

اڻندي وهندي کهندي ڦرندي سرگوشيون هن،
پنهن جي ڏي گناهن جون ڳالهيون، ڀر ڪير ٻڌي.

پڳ وارن خود پوتيءَ جي آ لڄ ڪا نه رکي،
پردي ۽ پناهن جون ڳالهيون، ڀر ڪير ٻڌي!

آ ڪنهن جي اڇل جو اوسيئڙو ۽ آس اڃا!
نرگس جي نگاهن جون ڳالهيون، ڀر ڪير ٻڌي!

”گل“ مرجهايا ۽ ڪاڪ ڪومائي ڪيئن آخر!
اجڙيل ارمانن جون ڳالهيون، ڀر ڪير ٻڌي!

سج کي، چنڊ کي خبر ناهي،
ڪير ڪنهن جي تلاش ۾ آهي.

سوچ سا، لوچ جا ڏئي من کي،
سوچ ۾ هوندي پلا رکيو چاهي!

تنهن جو منهن جو ملڻ به ممڪن آ،
هٿ لڪيرن کي جي ڇڏين ڊاهي.

آ ڊهي وئي ديوار ٻرلن پي،
فرق وجهندڙ ديوار ڇڏ ڊاهي.

دل جي تسڪين ٿي وڃي ٿوري،
ڪوئي ڪنهن کي ائين به ٿو چاهي.

دل ٿي ڳولي قرار جو رستو،
دل سان جهيڙو لڳو پيو آهي.

فيصلي تي اچا نه پهتو ڪو،
انسنا ڊاهي پيو وري ٺاهي.

ساموُن گهر ٻڌل ڏسي ويٺو،
ڊهيل مسجد کي پيو وري ٺاهي.

اک کڄي ها نه هٿ وڌي ها "گل"
سيڪو سرهاڻ سونهن کي چاهي.

جهڪي جهڪي پو ٿڪي پئي آ ،
نظر آ آخر ڪڄي وئي آ .

تو ڳالهه ڇني چپ هڻا سڀئي ،
هنگامو ٿي ويو جي مان ڇني آ .

گهٽيءَ مان گذري ويو آ ڪوئي ،
گهرن کي سرهاڻ ويو ڏئي آ .

خوشيءَ جي آس ۽ اميد پر ڇڻ ،
اچا اداسي وڌي وئي آ .

ڪڏهن ته منزل نظر به ايندي ،
اکين جي آڏو اچا رئي آ .

پريو ته پڪ هو مان روشنيءَ مان ،
وٽين مان شايد وهي وئي آ .

تڏهن ته ”گل“ جان ٽڙي پوان ٿو ،
جڏهن نظر تو اها ڪئي آ .

عجب اوهان جا اصول آهن،
نه چاهيندي پسي قبول آهن.

نه تي ڏئي هيٺ جاءِ ڌرتي،
مٿان وري ڪي نزول آهن،

جيئڻ جي ناتي جئون نه ٿا، پر
جيئڻ جا پي ڪي اصول آهن.

لچڪ جي ڪانهي ڪا ڪنهن به ڌر پر،
نه پوءِ ڳالهيون فضول آهن.

اسان ته پنهنجا هيون پاڻ رهبر،
نه هاڻ اچڻا رسول آهن.

ڪي ڏوهه هوندا ڪي ڏاڍ هوندا،
اهي نه ڪرڻا وصول آهن.

نه "گل" ٽڙيا، ۽ نه مرڪ مک تي،
اڃا نه مکڙيون ملول آهن.

شعر لکندي قلم پـڪو هوندو ،
سوچ جو سلسلو چـڱو هوندو .

جنهن تي بجلي ڪري ٿي ور ور ڏئي ،
ڪک ڪانن جو ڪو جهڳو هوندو .

هي به قانون ٿو چوي شايد ،
زور ڪمزور تـي رڳو هوندو .

روز ٿيون حاضريون نيون نڪرن ،
ڪنهنسان ڪنهنسان ڪوئي پڳو هوندو .

سٽ سان ساهه کي اچي سٽ ٿي ،
سڪ جو ساهه ۾ سڳو هوندو .

جو نه سوچي ٿو ، ۽ نه سمجهي ٿو ،
سو ته ماڻهن ۾ چڙ ڏڳو هوندو .

من تنهن جو نه آهه منهن جهڙو ،
ڪيڏو ويسه کـي ڏک لڳو هوندو .

پاڻ ڏي ليڙون ٿي لهي ويندو ،
جسم تي هڪڙو ڏي وڳو هوندو .

ڪيتري شـاخ سا پسي لڱندي ،
”گل“ اڪيلو اڏان ڇڳو هوندو .

آپ تي ڇانئي رهي اداسائي ،
ننڊ نارن کي کا نہ هئي آئي .

چنڊ پورو ، لڳي ٿو اڌ پورو ،
ڪنهن جي اونده، ڪان رات گهبرائي .

هيئن ڪيان ها، تہ هيئن پوي ٿي ها ،
سوچ آئي بہ ، دير سان آئي .

ڇا ٿي جهڳڙو آ ڏاڍ ۾ آخر !
ڳالهہ سا، ڪنهن نہ ڪنهنکي سمجهائي !.

شهر ۾ پئي قربس ملي ڪوئي ،
مان هيس مونسان هئي اڪيلائي .

لفظ ساڪيا اهيئي سادا هن ،
ڳالهہ ۾ ڪيتري آ گهرائي .

شور کي پوئتي ڇڏي آيس .
تنهن جي خاموشي "گل" پسند آئي .

اثر ٿئي، نہ ڪيئن ٿئي دعا ۾ ملاوٽ،
نہ ٿو درد کھٽجي دوا ۾ ملاوٽ.

فضا ۾ بہ آلودگي آ وڌي وئي،
هوا جا کھلي ٿي هوا ۾ ملاوٽ.

اگر ڪنهنجي سر تي جي ڪنهن هٿ رکيو آ،
تہ هوندي يقينن عطا ۾ ملاوٽ.

وفاداريون روز مٽجن پيون ٿيون،
وفا جي ڪيون ٿا وفا ۾ ملاوٽ.

سچي ڳالهہ آ بس پسند ناپسند جي،
سزا ڪان وٺي آ جزا ۾ ملاوٽ.

نہ آ گفتگو ۾ سچائي صفائي.
رکي ٿا وڃون چو ۽ چا ۾ ملاوٽ.

ڪڏهن هيءَ فتوا ڪڏهن هوءَ فتوا،
آ تنهن جي ۽ منهن جي رضا ۾ ملاوٽ.

رسي ٿي وئي آهہ حد کان ڏکھي ٿي،
رعايت نہ ڪنهن سان خدا ۾ ملاوٽ.

جيئن تو ڏٺو آ، تيئن مان ڏٺو آ.
آ ”گل“ جي اشاري ادا ۾ ملاوٽ.

پنهن جو مان پاڻ کي وساريو آ،
ديس مان ياد کنهن ڌڪاريو آ.

در تي ٺڪ ٺڪ گهڙيءَ جي ٺڪ ٺڪ هئي،
کنهن کڇيءَ ننڊ مان اٿاريو آ.

پنهن جي دل جي چوان ڇا ويراني!
غم جي آهٽ نه سک جو سايو آ.

نينهن واري نظر ٿي پڌري آ،
ان نظر مان نه کنهن نهاريو آ.

پنهن جي آواز تي پيس پلجي،
ائين لڳو ڄڻ نه کنهن پڪاريو آ.

مرڪ مک تي هئي ائين پيانيم،
ڄڻ نه ماحول مسڪرايو آ.

پيار کان پاڻ کي ڀلي سکجو!
سو نه سوچڻ ٿي "گل" اجايو آ!!

پاڻ کي الزام ٿو اولو لڳي،
ٻئي کي ڏيندي ڏوھ ٿو سولو لڳي.

ايترو ڇو هيٺ آيو آ لهي!
ڳالهه ان ۾ ڪجهه نه ڪجهه رولو لڳي.

ڪا خبر اهڙي به هوندي آهه دوست!
ذهن تي ڄڻ ائين گولو لڳي.

اڄ وري هولي ملهائي پئي وڃي،
رت ريٽي ۾ رڱيل چولو لڳي.

ڪنهن کي آ بندوق، ڪنهن کي ڄار آ،
ڄڻ شڪارين جو ڪوئي ٽولو لڳي.

رت "گل" بيرحم اهڙي ڪا نه هئي،
رات جو پوئين پهر جهولو لڳي.

زندگيءَ جي گيت تي سوچيان پيو ،
گيت جي سنگيت تي سوچيان پيو .

ڪنهن نه ڪنهن کي ته ڪڏهن ڏٺي هوي ،
زهر جي ان ڳيت تي سوچيان پيو ،

آخري آ هڏڪين ۾ زندگي ،
پنهن جي پهرين پريت تي سوچيان پيو .

اعتبار آخر ڪجي، ڪنهن تي ڪجي!
من تي ۽ ميت تي سوچيان پيو .

ٿي وڃي الٽي سڄي بازي وري ،
هار جي ان جيت تي سوچيان پيو .

”گل“ مليا هن کي، ۽ مون کي خار چو ،
ان رسم ۽ ريت تي سوچيان پيو .

ٻند اکين سان ڏسان ٿو،
ڪن ٻوڙن سان ٻڌان ٿو.

تو رکان ويساهه تو ۾،
پاڻ کي ڌوکو ڏيان ٿو.

چوٽ آخر چوٽ آهي،
دل جگر سان پيي رکان ٿو.

وس نه ٻئي ڪنهن ڏي هلي ٿو.
پاڻ سان الجهي پوان ٿو.

ڪو لهي اڇٽو نه آهي،
آسمان ڏي ڇو ڏسان ٿو.

خيال ۾ تو کي گهرائي،
"گل" غزل ڪوڏي لکان ٿو.

سنڌ ۾ سنڌيءَ جون ڳالهيون،
ڪر نہ ڪنهن هنديءَ جون ڳالهيون.

پاڻ جي آزاد آهن،
ڪن ڇو پابنديءَ جون ڳالهيون.

وقت جي ڌاري ۾ قاتل،
ڪهڙيون ڪن ڪنڌيءَ جون ڳالهيون.

اڪين واريون ڇو الاڻي؟
ڪن پيون انڌيءَ جون ڳالهيون.

چار اکيون ٿي ويون هن،
ڪجهہ رضامنديءَ جون ڳالهيون.

منهن تي مٺڙي مرڪ، ليڪن
من رکن منديءَ جون ڳالهيون.

آءٌ تہ گڏجي ”گل“ ورهايون،
ڇڏ ڪليءَ گنديءَ جون ڳالهيون.

ساتل سڄاتل ٿو لڳي ،
چهرو ڏي قاتل ٿو لڳي .

من موج ۾ آهيو وري ،
منجهدار ساحل ٿو لڳي .

هر ڪا خوشي خالص ڪٿي ،
ڪجهه غم به شامل ٿو لڳي .

سو توکي ڇا بخشش ڪندو !
جو پاڻ سائل ٿو لڳي .

هڪ بوند جي آ آس ، پر
بي فيض بادل ٿو لڳي .

ڪنڊن جي وچ ۾ "گل" رهڻ ،
هڪ پل به مشڪل ٿو لڳي .

ڪيترا چهرا مڇاتل ٿا لڳن ،
ذهن مان نالا وڃايل ٿا لڳن .

ٿر مٿان آيا ائين گذري ويا ،
ڪيترو بيدرد بادل ٿا لڳن .

ڪير ٿو اڄ ڪلهه پڇي قانون کي ،
شهر، وستيون، ڪوٽ جهنگل ٿا لڳن .

ڪيئن چوان دل سان مڃيو ٿن فيصلو ،
منهن مان ظاهر آ مڃايل ٿا لڳن .

دانهن پيي ڪن ٿا هٿن ٿا ڏڪ پيي ،
ڪنهن نه پاڙهي جا پڙهايل ٿا لڳن .

گيت، وايون، بيت، ڪافيون ۽ غزل ،
ساز ، سر ، آواز گهايل ٿا لڳن .

هن طرف پيي ”گل“ رکو هڪڙي نظر ،
هي به سالن جا سڪايل ٿا لڳن .

هر گهڙي پچرن پچن ٿيون زندگيون،
سچ جي صورت مچن ٿيون زندگيون.

ڪو ته آهي جو تماشو پيو ڏسي!
ناچ شعلن جان نچن ٿيون زندگيون.

اسپتالن ۾ دوا جي آسري،
موت جي منهن ۾ اچن ٿيون زندگيون.

گهر ۾ پيسي کٽڪو رهي شل خير ٿئي،
گهر کان ٻاهر ڪيئن بچن ٿيون زندگيون.

يا ڪتابن ۾، يا قبرن ۾ ستل،
ياد ماضيءَ جون اچن ٿيون زندگيون.

"گل" نظارا رت ۾ سارا رنگيل،
روپ رنگ نئين ۾ رچن ٿيون زندگيون.

ڪيترا جيترا مقــامن ۾ ملن ،
ڪيترا مردا مڪانن ۾ ملن .

جي نه مان چاهيا هئا، سوچيا هئا،
سي سنيها ٿــا سلامن ۾ ملن .

جي سدائين ساڻ ها پاڇي جيان،
اڄ اهي خوابن خيالن ۾ ملن .

خدمتن ۽ محنتن سان آ مذاق .
آسرا آسون انعامن ۾ ملن .

جن کي مون سمجهو سهارو، ويا ڇڏي ،
سي سهارا بي سهارن ۾ ملن .

جن کي ڳوليان پيو هتي ڌرتيءَ تي،
آدمي سي آسمانن ۾ ملن .

سو لکان ٿو جو ڏسان ٿو آس پاس ،
شعر ڪاٿي ٿا الهامن ۾ ملن .

"گل" ڌاريءَ کان ڀلو وڪري ويو ،
پن پڪڙيل ٿا هوائن ۾ ملن .

سوچ اڀري سير وانگر،
سمنڊ جي ڪنهن وير وانگر.

ايترو ڇو دور آهيون!
ٿي وڇون ڪنڊ ڪير وانگر،

ڏر تنيءَ ۾ ياد تنهن جي،
ٿڌڙي ٿڌڙي هير وانگر.

دوست! دل ۾ ٻيو چڀي ٿو،
لفظ ڪڙو تير وانگر.

زندگي الجهي پئي آ،
الجهيل تقدير وانگر.

تنهن جو وڇڙڻ ائين لڳي پيو،
خواب جي تعبير وانگر.

"ڪل" ائين چپ چاپ ڇو آ!
ڪاغذي تصوير وانگر!!

ڇاهه ڇوريءَ ڇنگ ٿيو آ،
رات جو ڪجھ رنگ ٿيو آ.

ڏي نه ڏوراپا ڏکن کي،
نيڻن جو ڪجھ ڍنگ ٿيو آ.

جو مٺائڻ سان نه مڃي،
دل تي اڪريل انگ ٿيو آ.

صلح جو هٿ تو هٽائين،
تنهن جي دل تي زنگ ٿيو آ.

ننڊ اکين ۾ ڇپي ٿي،
ڏات جو ڪجھ ڏنگ ٿيو آ.

موت هڪ ڀيرو تو ماري،
زندگيءَ جو ڍنگ ٿيو آ.

ڏاڍ ”ڪل“ ڪوڙو ڏيان مان!
منهنجو توسان سنگ ٿيو آ.

رات باقي آ

پهرئون پنهن جي ئي جاڻ رکٽي آ،
پوه پون جي سجاڻ رکٽي آ.

ساڻ مڃيو، فيصلو آ هڪ طرفو،
ڪاڻ ڪنهن جي نہ ڪاڻ رکٽي آ.

وٽ ڪوتا ڪٽي نہ ئي رکجن،
ساهميءَ ۾ تہ ڪاڻ رکٽي آ.

دور نٿون آ نئون تقاضائون،
پيار ۾ پر پراڻ رکٽي آ.

ويو ڇڏي سات ساز، سوز سهي،
روح سان ڪا رهاڻ رکٽي آ.

گندگيءَ جو هجي ڪٽي گهيرو،
سوچ سرهاڻ ساڻ رکٽي آ.

رنگ ۽ روپ ويو بدلجي آ،
”گل“ غزل ۾ نواڻ رکٽي آ.

تو ٻنهن جو موڙ ڇو هڪدم مٽيو آ !
لڳو توکي ته شايد سچ ڏکيو آ .

پلا کهڙي خبر آ ڪنهن جي دل جي !
وري چهرو ڏسي ڪوئي پليو آ .

هوا ڪان تو رڪان ان کي بچائي ،
جو ٽمڪي پيو اهو هڪڙو ڏيئو آ .

غريبن جو خدا ٻي آ ستو پيو ،
اميرن جو خدا جاڳي رهيو آ .

مڃان تو، ٿي ويون ڳالهيون پراڻيون ،
پلؤ پو ٻي پراڻو ڪو نه ٿيو آ .

متان رهجي وڃئي ڪو وهم دل ۾ ،
اکيان تنهن جي ته آڻيو رکيو آ .

اهو تون ٻي تو سمجهين مان ته چاڙهان ،
پلا صحرا ۾ ٻي ڪو "گل" ڙڙيو آ .

اوٽ سهنجي آ سکي آ،
موٽ مشڪل آ ڏکي آ.

ڇغل تي بيٺو آ ڇهرو،
ڪوٽ ڪا دل ۾ ڪکي آ.

مهل تي موٽي پوي ٿو،
مڙس محلي جو مکي آ.

منهن جي ساٿيءَ جي سڃاڻپ،
سڪ منهن جي تي دکي آ.

پيٽ ڇا ڇا ٿو ڪرائي!
بک بڇڙي آ بکي آ!!

ڪنهن اٿين آهي اڏائي،
سونهن ”گل“ ڪا ٿي سکي آ.

تون آن نازن سان نپايل،
رت ”گل“ ڏاڍي رکي آ.

اڄ جي اجلاس تي ڳالهيون ڪيون،
بل تي بکواس تي ڳالهيون ڪيون.

هٿ ۾ سنـــدون چڪر آفيس جا،
عرض تي احساس تي ڳالهيون ڪيون.

تون به آ ايئرڪنڊيشنڊ ڪي ڇڏي،
عام تي ۽ خاص تي ڳالهيون ڪيون.

ڪجهه مري ويا ڪجهه اڃا جيئن پيا،
آس تي ۽ ياس تي ڳالهيون ڪيون.

تون به رک هٿيار تي خالي هٿين.
ووٽ تي وشواس تي ڳالهيون ڪيون.

ڪسوٽي ڪوڙي سچي پڌري ٿئي،
پاس تي ناپاس تي ڳالهيون ڪيون.

ڪيئن تي خوشبوءِ "گل" جي ڦهلجي،
واءُ تي ۽ واس تي ڳالهيون ڪيون.

SOORIH SINDHI ADAB

ڪيتري مٽجي وئي آ زندگي،
قرب کان ڪٽجي وئي آ زندگي.

ڪيترو ڪنهن ٽيڪ تي بيهي پلا،
پاڙ کان پٽجي وئي آ زندگي.

آهه بس نالي ۾ آزادي رکو،
قيد ۾ ڪٽجي وئي آ زندگي.

ڪوڙ جو ان تي رکو الزام آ،
سچ تي مٽجي وئي آ زندگي.

آسمانن تي هئي جنهن جي اڏام،
لٽ ۾ لٽجي وئي آ زندگي.

ڪلهه هئو اڄ ڪونه آ "گل" شاخ تي،
بهار ۾ ڦٽجي وئي آ زندگي.

SOORIH SINDHI ADAB

حسرتن خواهشن جو ميلو آ،
ڪوڙن چوان سان ته من اڪيلو آ.

سيڪڙو ڏاهيون ڪري سياڻپ جون،
هڪڙو منهن جو ٿي من ڪچيلو آ.

ڏک لڳن سان ٿي ڏک لڳو دل کي،
هي نه پنهن جو ٿي ڪو کهکهيلو آ.

سڀ گهڙيا ڪڏ سڙيا ها آويءَ ۾،
ڪو گهڙو آ پڪو ڪو پيلو آ.

ڪيئن قبي تي پيلا چڊو بيهندو!
هي ڪرو آ ته هو به چيلو آ.

هت ميت پيو آ اڳر ۾،
هت حسن تي وڙهڻ جو ويلو آ.

بي ڊپو ڪيئن پڪي ويهي وڻ تي،
سامهون چست ۾ ڪليلو آ.

موسمن جي آ مهرباني "گل"،
منهن ماحول جو ڦي پيلو آ.

SOORIH SINDHI ADAB

سرحدون سوچ جون ملي وينديون،
پو نه ڌرتيءَ تي سرحدون هونديون.

سک ۽ شانت سان سڀ پنهجو،
ڏينهن ايندا ۽ راتيون اينديون.

جنگ هوندي نه جنگ جا دڙڪا،
امن هوندو ۽ الفتون هونديون.

رنگ ۽ نسل جو فرق متبو،
دور دلين جون دوريون ٿينديون.

صرف انسانيت جي ناتي سان،
صورتون سڀ سڃاتيون وينديون.

نفرتن تي قفل چاڙهي ڇڏبو،
چاهه هوندو ۽ چاهتون هونديون.

ورثو هوندو نه هڪ هٿي هوندي.
ڪُل خوشيءَ سان ورهاستون هونديون.

جيڪي گهلنديون هتي هوائون "گل"
روح کي دل کي راحتون ڏينديون.

غلام نبي گل جو جنم ڏهين سيپٽمبر ١٩٣٢ع تي ڳوٺ گهڻهڙ، تعلقي قمبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو هو. ذات جو ٻهرڙو آهي. تعليم بي-اي تائين اٿس. شاعري سان لڳاءُ ١٩٥٣ع کان ٿيس. شروعاتي شاعري ۾ فارسي جو اثر هيس. بعد ۾ نج سنڌي ۾ لکائين. غزل سنڌس پسنديده صنف آهي، جنهن ۾ وزن ۽ بحر جي پابندي کي اورانگهڻ کانسواءِ نون خيالن ۽ نئين اظهار جي شڪتي منجهس موجود آهي.

محمد علي پناڻ

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani